روشن خيال تعليمي ڪتابي سلسلو 18

# تنقيدي شعور

وجاهت مسعود

CPCS

# تنقيدي شعور

**وجاهت مسعود**


سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي
A-89/11 گلشنِ سحر هائوسنگ اسڪيم
باءِ پاس گيٽ واڏو واهه، قاسم آباد، حيدرآباد
Ph: +92 – 22 – 2106074, Fax: +92 – 22 – 2106074
info@cpcs.org.pk www.cpcs.org.pk

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

51


ڪتاب جو نالو: تنقيدي شعور
موضوع: روشن خيال تعليمي سلسلو
ليکڪ: وجاهت مسعود
ڪمپوزنگ ۽
ٽائيٽل ڊزائننگ: سليمان سميجو
ڇاپو پهريون: جون 2014ع
ڇپائيندڙ: سي پي سي ايس
مُلهہ: پنجاهہ روپيا


**ڪتابن ملڻ جا هنڌ**

ٿامس اينڊ ٿامس بُڪ هائوس، ڪراچي
ڪانياواڙ بُڪ هائوس ڪراچي
سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد
فڪشن هائوس، حيدرآباد
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
گل ڪتاب گهر، شڪارپور
جنيد ڪتاب گهر، دادو
سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر
مهراڻ ڪتاب گهر، ميرپورخاص
هلال ڪتاب گهر، ميرپورخاص
ماروي ڪتاب گهر ٽنڊوالهيار

All Rights Reserved

**“Tanqeedi Shaoor?”**


Subject: Civil Society Educational Series-18
Authored By: Wajahat Masood
Translated by: Sahil Samejo
1st Edition: June 2014
Published By: CPCS


**سي پي سي ايس پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.**

انساني ترقيءَ خاطر هيءُ ڪتاب

**عزيز صديقي**

(1932 – 2000ع)

**جي نالي ڪجي ٿو**

## تنقيدي شعور ڇا آهي؟

دنيا ۾ هر هنڌ مختلف مسئلا ۽ حالتون نظر اچن ٿيون ۽ انهن بابت مختلف نظريا ۽ رايا ملن ٿا. تنقيدي شعور ۽ فڪري مهارت حاصل ڪرڻ بنا انهن نظرين ۽ راين کي پرکي نٿو سگهجي. ظاهر آهي تہ ڪنهن نظريي يا خيال کي پرکڻ کانپوءِ ئي ڪا راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي. ڪنهن موضوع تي صحيح، پڪي ۽ واضح راءِ قائم ڪرڻ جو بهترين طريقو اهو آهي تہ انهيءَ موضوع تي مهارت رکندڙ ماڻهن جي خيالن کان واقف ٿجي، چاهي انهن جا خيال هڪبئي کان مختلف ڇو نہ هجن. ان سان فائدو اهو ٿيندو تہ انهيءَ موضوع بابت هر قسم جي نقطءِ نظر جي خبر پئجي ويندي.

ٻين جا خيال ڄاڻڻ، انهن جي راءِ جو احترام ڪرڻ ۽ انهن تي همدرديءَ سان غور ۽ فڪر ڪرڻ سان ئي راءِ جي صحيح يا غلط هئڻ جو فيصلو ڪري سگهجي ٿو. ٿامس جيفرسن موجب ”نظرين جي اختلاف سان تحقيق جو دروازو کُلي ٿو ۽ تحقيق سچائيءَ تائين وڃڻ جو واحد رستو آهي.“

اسان جن ماڻهن يا گروهن جي خيالن سان اختلاف رکون ٿا، اسان کي انهن کي پنهنجو دشمن سمجهڻ بجاءِ انهن جو شڪر گذار هئڻ گهرجي، جو انهن جي ڪري اسان کي پنهنجن خيالن تي نئين سر غور ۽ فڪر ڪرڻ، غلط خيالن جي ٺيڪ ڪرڻ ۽ صحيح تصورن کي مضبوط ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو.

ٻين جا رايا ڄاڻڻ ۽ مختلف معاملن بابت پنهنجن خيالن تي نئين سري سان غور ۽ فڪر ڪرڻ جو مطلب اهو ناهي تہ اسان جيڪو ڪجهہ پڙهون، ان تي هڪدم يقين ڪري وٺون يا جيڪو ڪجهہ ٻڌون ان کي هڪدم مڃي وٺون. تنقيدي شعور ان جي اُبتڙ ڳُوڙهي مطالعي، غور فڪر ۽ سوچ ويچار جو گهرجائو هجي ٿو البت انهيءَ جو هڪڙو شرط اهو آهي تہ اسان پنهنجي سوچ، خيال يا راءِ کي تنقيد يا اختلاف کان مٿانهون نہ سمجهون. مختلف ذريعن سان حاصل ٿيندڙ ڄاڻ جو تجزيو ڪرڻ لاءِ غير جانبدار ۽ غير جذباتي رويو رکڻ ضروري آهي. اها ئي شيءِ هاڪاري نمونې سوچڻ جي عادت، غور ۽ فڪر جي مهارت ڏانهن وٺي وڃي ٿي.

مثال طور اسان کي ڪنهن بہ وچولي درجي جي ڪتاب مان خبر پئجي سگهي ٿي تہ:

1. 1981ع ۾ پاڪستان جي آبادي اٺ ڪروڙ چاليهہ لک هئي.
2. ملڪ ۾ فوجي حڪومت هئي.
3. سياسي پارٽين ۽ هر قسم جي سياسي سرگرمين تي پابندي هئي. اخبارن تي سخت سنسرشپ لاڳو هئي.

4. هزارين سياسي ڪارڪن جيلن ۾ بند هئا.
5. ملڪي آباديءَ ۾ مسلمانن جي شرح 97 سيڪڙو هئي.
6. تعليمي شرح 27 سيڪڙو جي لڳ ڀڳ هئي.
7. ساليانِي في ڪس آمدني 370 ڊالر جي ويجهو هئي.
8. افغانستان ۾ روسي فوج خلاف جهاد جاري هو.
9. ملڪ ۾ هيروئن جا عادي نظر اچڻ شروع ٿي چڪا هئا.
10. ڪلاشنڪوف جهڙو خطرناڪ هٿيار عام ٿي چڪو هو.

اهي ڏهه ڳالهيون حقيقتن تي ٻڌل آهن, جن کان انڪار نٿو ڪري سگهجي, هاڻي انهن حقيقتن مان نڪتل ٻه مختلف تجزيا پڙهو:

(الف) پاڪستان اسلام جو قلعو آهي. الحمدالله اسان جي افرادي قوت گذريل ڏهن سالن ۾ ڇهه ڪروڙ ويهه لک کان وڌي اٺ ڪروڙ چاليهه لک ٿي وئي آهي. پاڪستان ۾ گذريل ڇٺن سالن کان فوجي حڪومت قائم آهي, جنهن بدعنوان سياستدانن جي سازشي سرگرمين کي روڪي ملڪ ۽ قوم کي فائديمند ڪمن ۾ مصروف ڪري ڇڏيو آهي. سماجي اصلاح ۽ مذهبي عبادتن جي نالي سان ڪميٽيون قائم ڪيون ويون آهن, جن ۾ حڪومت سان تعاون ڪندڙ معزز شامل ڪيا ويا آهن. شرپسند ۽ ملڪ دشمن عنصرن کي جيلن ۾ بند ڪيو ويو آهي. پاڪستان کي اهو اعزاز حاصل ٿيو آهي ته افغانستان ۾ هلندڙ جهاد ۾ ڀرپور شرڪت ذريعي اسلام دشمن قوتن کي رُڪ جا چڻا چٻرايا وڃن. پاڪستان جي غريب حڪومت تعليم ۽ صحت جهڙن مسئلن تي ڀرپور ڌيان ڏئي رهي آهي. پاڪستان ۾ اسڪولن ۽ اسپتالن جو تعداد وڌي رهيو آهي. ماڻهن جي آمدنيءَ ۾ واضح واڌارو نظر اچي رهيو آهي. ٻاهرين ملڪن ۾ رهندڙ پاڪستانين جي آمدنيءَ سان تمام گهڻن خاندانن جي مالي حالت راتو رات بدلجي رهي آهي.

(ب) بدقسمتيءَ سان سياسي, معاشي ۽ سماجي حالتون تيزيءَ سان خراب ٿي رهيون آهن. آباديءَ ۾ تڪڙي اضافي جي ڪري تمام جلد ملڪي وسيلا ڳُتيل آباديءَ لاءِ اڻپورا ٿي ويندا. زرعي جنسون ٻاهران گهرائڻيون پونديون. بيروزگاري وڌي ويندي. اسلامي قانون ملڪ جي سياسي ۽ سماجي حالتن کي نظر ۾ رکڻ بنا ڪجهه خاص ماڻهن جي مقصدن جي پوراءِ لاءِ لاڳو ڪيا ويا آهن. ان سان حالتون بهتر نه ٿينديون ۽ ڏوهه اڃا به وڌندا. منافقت پکڙجندي ۽ انصاف جو نظام درهم برهم ٿي ويندو. سياسي ڪارڪن ڪنهن ملڪ جو سرمايو هوندا آهن, انهن کي زوري ڪم کان روڪيو ويو ته ملڪ غنڊن ۽ بدمعاشن جي هٿن ۾ هليو ويندو. سياسي پارٽين کي ڊگهي عرصي تائين ڪم ڪرڻ کان روڪيو ويو ته موجوده

سياسي قيادت ختم ٿي ويندي ۽ ايندڙ وقت ۾ جيڪي ماڻهو سامهون ايندا, اُهي قومي مسئلن ۽ عوامي مفادن بجاءِ ذات, برادري, داہي ۽ ذاتي مفادن جي سياست ڪندا. پاڪستان افغانستان جي ويڙهه ۾ تمام گهڻا وسيلا خرچ ڪري رهيو آهي, جنهن سان تعليم ۽ صحت تي گهربل ڌيان نہ ڏنو پيو وڃي. ڪجهه سالن اندر اسان تعليم, صحت ۽ زندگيءَ جي ٻين ضرورتن ۾ ايشيا جي ٻين ملڪن کان پوئتي رهجي ويندا سين. جنهن سان سماجي ڏڦيڙ پکڙجندو, اخلاقي قدر تباهه ٿي ويندا ۽ ماڻهو پُرامن ڳالهه ٻولهه بجاءِ هٿيارن جي زور تي پنهنجي ڳالهه مڃرائيندا. پاڪستان جي سماجي ترقيءَ ۾ تمام گهٽي ڏکيائي آهي. غريب وڌيڪ غريب ٿيندو وڃي ۽ امير وڌيڪ امير.

انهيءَ مثال ۾ توهان ڏٺو تہ بنيادي حقيقتون تہ ساڳيون آهن پر تبصري نگارن مختلف تجزيا پيش ڪيا آهن. انهيءَ تجربي مان ويهن سالن ڪانپوءِ عام ذهانت ۽ معمولي مشاهدو رکندڙ ڪوبہ ماڻهو اهو طئي ڪري سگهي ٿو تہ ٻنهي تجزيي نگارن مان ڪير صحيح اڳڪٿي ڪري رهيو هو ۽ ڪير غلط, پر وقت گذرڻ ڪانپوءِ اهو نتيجو ڪڍڻ بيڪار آهي, ڇو تہ انهيءَ دوران غلط رستي جي چونڊ ڪرڻ سان خرابي تمام گهٽي پکڙجي چڪي هوندي آهي.

وقت کان اڳ حالتن جون صحيح اندازو لڳائڻ ئي اصلي ڏاهپ آهي. اهڙي ئي ڏاهپ ۽ صلاحيت کي تنقيدي شعور چيو وڃي ٿو. تنقيدي شعور حقيقت ۾ عقلي دليلن جي مدد سان صحيح ۽ غلط ۾ فرق ڪرڻ جي صلاحيت آهي.

**تاريخ جي مطالعي ڪرڻ جا اُصول**

1۔ تاريخي واقعن ۽ تاريخي هستين کي موجوده معيار موجب جاچڻ بجاءِ انهن سان لاڳاپيل سماجي, معاشي ۽ سياسي پسمنظر ۾ ڏٺو وڃي.

2 – تاريخي واقعن ۽ شخصيتن کي انساني عمل جو حتمي معيار قرار نٿو ڏئي سگهجي.

3 – واقعن ۽ شخصين بجاءِ تبديليءَ جي عمل ۽ انساني ترقيءَ کي بنيادي اهميت ڏيڻ گهرجي.

4 – حقيقتون ڄاڻڻ لاءِ ڪو خاص دؤر, شخصيت, قوم يا علائقو حتمي معيار جي حيثيت نٿو رکي, پر تصديق جوڳين شاهدين ۽ ادارتي تحقيق سمورن انسانن ۽ دؤرن لاءِ بنيادي معيار جو درجو رکن ٿا.

تنقيدي شعور اهڙو فائديمند طريقيڪار آهي, جنهن ۾ اسان ڄاڻ, متوازن مشاهدي ۽ منطقي دليلن جي مدد سان مختلف لقائن, انفرادي راين ۽ گڏيل ادارن تي غور ۽ فڪر ڪري صحيح ۽ غلط ۾ فرق ڪريون ٿا. اسان غلط مفروضن کي

رد ۾ صحيح نتيجا قبول ڪريون ٿا. موجوده مشاهدي ۾ مليل حقيقتن جي مدد سان اهڙو طريقيڪار يا نظام جوڙڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا، جنهن جي مدد سان مختلف مسئلن ۾ ڏکيائين تي قابو پائي سگهون ٿا.

تنقيدي شعور حقيقت ۾ فرد ۾ اجتماعي سطح تي فڪر، علم، تحقيق، ايجاد، ڳولا ۾ تخليق جو اهڙو چؤطرفو نظام آهي، جنهن جو بنياد عقل ۾ مقصد انساني زندگيءَ ۾ سامهون ايندڙ ڏکيائين ۾ مسئلن جو مناسب حل ڳولڻ آهي.

عقلي ۾ سائنسي نظريي ۾ تحقيق لاءِ تحقيق يا ايجاد لاءِ ايجاد جو ڪوبہ تصور ناهي. هر سائنسي ڪوشش جو مقصد خارجي دنيا ۾ گهربل تبديلي پيدا ڪرڻ يا اهڙي تبديلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت حاصل ڪرڻ هوندو آهي. جڏهن انسان بجلي ڳولي لڌي تہ ماحول ۾ گهربل تبديلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت حاصل ڪري ورتي. ان ڪان ايندڙ مرحلي ۾ بجليءَ جي مدد سان مختلف مشينون ناهيون ويون، جيڪي خارجي طور مناسب تبديليون پيدا ڪن ٿيون. مثال طور بجليءَ جو پکو اسان لاءِ گرميءَ کي برداشت ڪرڻ جوڳو بڻائي ٿو. بجليءَ جو هيٽر سياري جي موسم ۾ اسان کي مناسب گرمائش ڏئي ٿو. جيڪڏهن اسان ڪو اهڙو پکو ناهيو، جيڪو اسان کي ٿڌ پهچائڻ بجاءِ رڳو پاڻ کي ئي ٿڌو رکندو هجي تہ اهڙي مشين بيڪار ۾ غير سائنسي هوندي.

تنقيدي شعور بنا تعليم رڳو عام حساب ڪتاب ۾ لک پڙهہ جي مهارت تائين محدود هوندي آهي، جنهن مان نہ تہ سماجي تبديلي اچي ٿي ۾ نہ سماج جي علمي حالت بدلجي ٿي، نہ ئي ايجادون سامهون اچن ٿيون، نہ تخليقي صلاحيتون اُڀرن ٿيون، نہ سماجي ترقي ٿئي ٿي ۾ نہ ئي سماجي انصاف جا رستا کُلن ٿا. عام طور تي چيو وڃي ٿو تہ وڏيرا، جاگيردار ۾ ملڪي وسيلن تي قابض ٻيا گروهہ تعليم جي مخالفت ڪن ٿا. اصل ۾ اهي ماڻهو "ٻہ واڌو ٻہ برابر چار" واري تعليم جي مخالفت نٿا ڪن پر اُهي اهڙي تعليم ڪان ڊنل هوندا آهن، جيڪا صحيح وقت ۾ صحيح جاءِ تي صحيح فيصلو ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪري ٿي.

ڪنهن سماج ۾ مثبت تبديلين، صحيح پاليسين، صحتمند روايتن ۾ صحيح رخ ۾ انساني ترقيءَ لاءِ ضروري هوندو آهي تہ ان جا وڌ کان وڌ ماڻهو تنقيدي شعور رکندا هجن. جابر حڪومتون، ظالم حڪمران ۾ بد عنوان گروهہ ماڻهن جي اهڙيءَ صلاحيت کان ڊنل هوندا آهن، ڇو تہ اهڙي صلاحيت رکندڙ ماڻهن کي آسانيءَ سان گمراهہ نٿو ڪري سگهجي. سماج اندر تنقيدي شعور جو واڌارو ئي تعليم جو اصل مقصد هوندو آهي.

**تنقيدي شعور جا بنيادي اُصول**

1 – ڪائنات اندر سمورا لقاءَ هڪٻئي سان لاڳاپيل هوندا آهن. تنهن ڪري

ڪائنات جي سمورن لقائن کي عقلي طريقيڪار جي مدد سان سمجهي سگهجي ٿو. مادي شين تي مادي لقاءَ ئي اثرانداز ٿي سگهن ٿا. مشاهدي ۽ تصديق کان خالي عنصر مادي دنيا تي اثرانداز نٿا ٿي سگهن.

2 – تصديق جوڳين شاهدين، منطقي نتيجن ۽ مسلسل تحقيق جي مدد سان حقيقتن تائين پهچي سگهجي ٿو.

3 – حقيقتن کي سمجهڻ جو بنياد انساني تجربو آهي. شخصي سند کي انساني حيثيت جي ترجيح نٿي ڏئي سگهجي.

4۔ انساني تاريخ ٿورن گهٽن لاهن چاڙهن جي باوجود بنيادي طور انساني ترقيءَ جي تاريخ آهي. مشاهدي، تجربي ۽ عقل جي استعمال سان انساني ڄاڻ ۽ سمجهه ۾ مسلسل واڌارو ٿيندو رهيو آهي.

5 – انسان سماج ۾ تبديليءَ جي نوعيت تي اثرانداز ٿي سگهي ٿو. انسانن جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ کي فطري لقائن جيان سمجهي سگهجي ٿو. مشاهدي، تجربي ۽ منطقي دليلن جي روشنيءَ ۾ سامهون ايندڙ سمجهه ذريعي انساني زندگيءَ ۾ تبديلين جي طرف جو تعين ڪري سگهجي ٿو. ڏکيائين ۽ مسئلن تي قابو پائي سگهجي ٿو انساني آسودگيءَ ۽ سهولتن ۾ واڌارو آڻي سگهجي ٿو ۽ انسانن جي زندگيءَ جو معيار بلند ٿي سگهي ٿو.

6 – تعليم ۽ ذهني صلاحيتن ۾ بهتريءَ جي مدد سان انسانن جي صلاحيت ۽ قابليت ۾ اضافو آڻي سگهجي ٿو.

7 – انساني سماج مسلسل بدلجندو رهندو آهي. سماج ۾ اهي تبديليون ڄاڻ، علم ۽ پيداوار جي ذريعن ۾ تبديليءَ سميت گڏيل لاڳاپن جي نتيجي ۾ سامهون اچن ٿيون.

8 – سمورا انسان حقن جي لحاظ کان آزاد ۽ برابر هوندا آهن. تنهن ڪري پيداوار، تحقيق، تخليق، آسودگيءَ ۽ ترقيءَ جي موقعن تي پڻ سمورن انسانن جو هڪ جيترو حق آهي.

9 – ڀِتو سلوڪ حقيقت ۾ انسانن جي هڪجهڙن حقن (برابريءَ) کان انڪار آهي. ڀِتي سلوڪ جي سمورين صورتن ۾ معاشي ڏکيائي ۽ سماجي ناانصافي پيدا ٿئي ٿي ۽ انسان جي اڳتي وڌڻ ۾ رستا روڪ ٿئي ٿي. پنهنجين صلاحيتن ۽ امڪان جي آخري حد تائين پهچڻ هر انسان ۽ هر گروهه جو حق آهي.

**تنقيدي شعور جا عنصر**

- ڪنهن دعويٰ جي حقيقت کي پرکڻ هجي تہ ٻن يا ٻن کان وڌيڪ غير جانبدار ذريعن (شخصي/ علمي) کان تصديق جي ڪوشش ڪئي وڃي.

تصديق لاءِ جيستائين ممڪن ٿي سگهي مختلف ذريعن کان ڪم ورتو وڃي.

- بحث مباحثي جي هر قيمت تي حوصلي افزائي ڪئي وڃي. ياد رکڻ گهرجي ته دليل ۾ اختلاف راءِ کي ڇتڻ سان حقيقتن کي بدلائي نٿو سگهجي.
- حقيقت جي ڳولا ۾ شخصي سند يا قعطي راءِ جي ڪا به حيثيت ناهي. ماضيءَ ۾ اهڙيون سندون ۽ رايا غلط ٿيندا رهيا آهن ۽ اڳتي لاءِ به غلط ٿيندا رهندا. اڄ جي انسان کي انهن نام نهاد سندن ۽ راين جو قيدي ڇو بڻايو وڃي؟ حقيقت تي ڪنهن به انسان جي هڪ هٽي نٿي ٿي سگهي.
- حقيقي فائديمند بحث مباحثي لاءِ هڪ کان وڌيڪ نظرين جي ضرورت هوندي آهي. تنهن ڪري سمورن امڪاني نظرين جو هڪجهڙي گهرائيءَ سان جائزو ورتو وڃي ۽ جيستائين ممڪن هجي، ڪنهن دليل بابت وقت کان اڳ نتيجو ڪيڻ کان پاسو ڪيو وڃي.
- پنهنجي دليل، راءِ يا نظريي سان جذباتي وابستگي اختيار ڪرڻ صحيح ناهي، ڇو ته ان سان اسان لاءِ ڪنهن بهتر يا امڪان کان محروم رهڻ جو خدشو هوندو آهي.
- معياري بيانن بجاءِ مقداري مفروضن کي ترجيح ڏيڻ گهرجي. مقداري مفروضن جي بهتر نموني ڇنڊڇاڻ ڪري سگهجي ٿي. اهڙا مفروضا ئي اهم آهن، جن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري سگهجي. جن مفروضن جي غير جانبداراڻي نموني حقيقي ڇنڊ ڇاڻ ممڪن نه هجي، اُهي حقيقت ڳولڻ ۾ اسان جي مدد نٿا ڪري سگهن.
- جيڪڏهن اسان ڪنهن دليل کي مڃڻ ۾ منطقي طريقيڪار کان ڪم وٺي رهيا آهيان ته منطق جون سموريون ڪڙيون مضبوط ۽ هڪجيتريون صحيح هئڻ گهرجن. منطقي دليلن ۾ ڪنهن نقطي تي جهول سان پورو دليل ڪمزور ٿي ويندو آهي.
- دليل ۽ شاهدين ۾ پيچيدگيءَ تي سادگيءَ کي ترجيح ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن دليل جا ٻه پاسا هڪ جيترا اثرانگيز لڳن ته وڌيڪ امڪان انهيءَ ڳالهه جو آهي ته سادو دليل بهتر آهي، ڇو ته پيچيده دليل ۾ غلطيءَ جو امڪان وڌي وڃي ٿو.
- بحث مباحثي ۾ رڳو پنهنجن هم خيال ماڻهن سان نٿو ڳالهايو وڃي. اسان جو اڪثر مخالف راءِ رکندڙ ماڻهن سان به واسطو پوندو آهي ۽ اهڙا ماڻهو اسان جي راءِ کي تڏهن ئي مڃيندا، جڏهن هو اسان جي دليلن ۽ مفروضن کي تجربن ذريعي پرکي انهن ئي نتيجن تائين پهچن، جيڪي اسان پيش ڪري

رهيا آهيون. تنهن ڪري جن مفروضن کي تجربن ذريعي غلط يا صحيح ثابت نٿو ڪري سگهجي، بحث مباحثي ۾ انهن جي ڪا بہ حيثيت ناهي هوندي.

**تنقيدي شعور لاءِ گهربل مهارتون**

1 – صحيح سوال اُٿارڻ جي صلاحيت

2 ـ بيانن ۽ دليلن کي پرکڻ جي صلاحيت

3 – ڄاڻ ۽ سمجهہ ۾ ڪوتاهيءَ کي مڃڻ جي همت رکڻ

4 ـ تجسس، زندگيءَ جي نت نون امڪانن جي ڳولا ۾ رهڻ

5 ـ مسئلن جي متبادل حل جي جستجو ڪرڻ

6 ـ مختلف خيالن ۽ راين کي پرکڻ لاءِ معيار متعين ڪرڻ جي صلاحيت رکڻ

7 ـ خيالن، راين ۽ مفروضن کي حقيقتن جي روشنيءَ ۾ پرکڻ لاءِ تيار رهڻ

8 ـ ٻين جي ڳالهہ ڌيان سان ٻڌڻ ۽ ان تي مناسب ردعمل ڏيکارڻ جي صلاحيت

9 ـ انهيءَ حقيقت کان آگاهہ ٿيڻ تہ تنقيدي شعور حقيقت ۾ پاڻ کي مسلسل پرکندو رهڻ جو عمل آهي

10 ـ سمورين امڪاني حقيقتن تي غور ۽ فڪر کان اڳ حتمي راءِ قائم ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ

11 ـ مختلف بيانن ۽ مفروضن جي تصديق لاءِ شاهديون ڳولڻ

12 ـ نيون حقيقتون سامهون اچڻ تي پنهنجي راءِ ۾ تبديليءَ جي صلاحيت رکڻ

13 ـ مختلف راين ۽ بيانن جا تصديق جوڳا ثبوت ڳولڻ جي جستجو رکڻ

14 ـ مسئلن تي گهري غور ۽ فڪر جي صلاحيت رکڻ

15 ـ غلط ۽ غير واسطيدار ڄاڻ کي رد ڪرڻ جي صلاحيت رکڻ

**حقيقتن ۽ ذاتي راين ۾ فرق ڪرڻ**

حقيقت مان مراد اها سچائي آهي، جنهن کي حقيقي مشاهدي يا مڃيل شاهديءَ ذريعي پرکيو ويو هجي، جنهن کي تجرباتي يا منطقي سطح تي ثابت ڪيو ويو هجي. ٻڌل ڳالهہ کي حقيقت نٿو چئي سگهجي. جڏهن تہ ذاتي راءِ هڪ اهڙو خيال هوندو آهي، جنهن جو بنياد اندازي، ذاتي ترجيح ۽ قياس آرائيءَ تي هجي، جنهن کي تجرباتي ۽ منطقي سطح تي ثابت ڪرڻ ڏکيو هجي. عام طور تي داخلي يا ذاتي راءِ معروضي مشاهدي، تجربي ۽ پڪي شاهديءَ بنا قائم ڪئي ويندي آهي.

مثال طور هيٺ ڄاڻايل بيانن ۾ حقيقتن ۽ راين کي الڳ الڳ طور سڃاڻي سگهجي ٿو:

1 ـ پاڪستان ۾ 1950ع کان پوءِ پڙهيل لکيل عورتن جي انگ ۾ اضافو ٿيو آهي.

2 ـ عورت جو ڪم گهر جي ذميداري سنڀالڻ آهي، جڏهن تہ مردن جو ڪم

خاندان جي مالي ضرورتون پوريون ڪرڻ آهي.

3۔ پاڪستان 14 آگسٽ 1947ع تي قائم ٿيو.

4۔ پاڪستان اسلام جي نالي تي حاصل ڪيو ويو.

5۔ نعيم احمد 78 رنز ناهڻ ڪانپوءِ آئوٽ ٿيو.

6۔ بهتر تربيت ۽ صحيح چونڊ ڪان پوءِ پاڪستاني ٽيم دنيا جي ڪنهن به ٽيم کي هارائي ڇڏيندي.

7۔ زرعي سڌارن جي باوجود پاڪستان ۾ بي زمين گهراڻن جو تعداد وڌيو آهي.

8۔ 1979ع ڪانپوءِ پاڪستاني جيلن ۾ قيدي عورتن جو تعداد وڌي ويو آهي.

9۔ جديد تعليم اسان جي اخلاقي قدرن جو بيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي.

10۔چورس شڪل جا چار زاويا قائمه ٿين ٿا.

**تعصب ۽ دليل ۾ فرق ڪرڻ:**

تعصب مان مراد ڪنهن فرد، گروهه، نسل، مذهب يا رسم رواج جي حق ۾ يا خلاف راءِ ڏيڻ آهي. اهڙي راءِ ڪنهن تجربي، ثبوت يا مناسب شاهديءَ ڪان بغير ڏني وڃي ٿي. عام طور تي مخصوص مفاد رکندڙ ماڻهو ۽ گروهه پنهنجي سياسي ۽ معاشي مقصدن لاءِ مختلف ماڻهن ۽ گروهن بابت تعصب پکيڙين ٿا. تعصب انساني ذهن جي منفي رجحان جي ترجماني ڪري ٿو.

دليل هڪ اهڙي بيان کي چئجي ٿو جيڪو عقلي بنيادن تي ڏنو ويو هجي. اهڙي بيان جي پسمنظر ۾ ثبوت جوڳن حقيقتن، منطقي دليلن ۽ غير جانبدار مشاهدو هجي ٿو. دليل انساني ذهن جي مثبت ۽ تعميري لاڙي جي عڪاسي ڪري ٿو. اسان لاءِ ضروري آهي ته تعصب ۽ دليل جي فرق کي سمجهون، حقيقتن کي صحيح نموني پرکيون ۽ ان ڪان پوءِ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪريون.

هيٺ ڄاڻايل ڏهن بيانن ۾ تعصب يا دليل جي نشاندهي ڪريو:

1۔ عدالتون انهن عادي ڏوهارين کي به انصاف ڏين ٿيون، جيڪي ان جا حقدار ناهن هوندا.

2۔ پاڪستان کي مولوين نه پر پڙهيل لکيل ماڻهن تباهه ڪيو آهي.

3۔ جن جوابدارن خلاف ڪا شاهدي نه ملي سگهي، انهن کي پوليس مقابلي ۾ مارڻ ڪان سواءِ ٻي ڪابه واهه ناهي هوندي.

4۔ جيڪڏهن سياسي عمل ۾ هر وقت رخنو پوندو رهي ته جمهوري روايتون مستحڪم نٿيون ٿي سگهن.

5۔ جيڪڏهن بنيادي انساني حق واقعي بنيادي آهن ته پوءِ انهن کي معطل نٿو ڪري سگهجي.

6_ ڪنهن ملڪ جو بچاءُ ان صورت ۾ ئي ممڪن آهي جڏهن عوام خوشحال ۽ فوج باصلاحيت هجي.

7_ علم ۽ آزاديءَ هڪٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن. علم کان عاري قومون آزاديءَ جو خواب بہ نٿيون ڏسي سگهن.

8_ ڪنهن ملڪ جي سڀ کان وڏي دولت انساني وسيلا هوندا آهن. سماجي انصاف، بهتر زندگيءَ جو معيار ۽ تعليم انساني وسيلن کي ترقي ڏين ٿا.

9_ شهرن ۾ رهندڙ بداخلاق، مغرور ۽ بزدل هوندا آهن.

**هڪ_ڪري سوچ ۽ مختلف حقيقتن وچ ۾ فرق ڪرڻ:**

توهان يونان جي مشهور ڌاڙيل پروڪرس طيس جو قصو ٻڌو آهي، جنهن پنهنجي ٺڪاڻي تي هڪ خاص قسم جو بسترو وڇائي رکيو هو. جڏهن ڪو مصيبت جو ماريل هن جي ور چڙهي ويندو هو تہ پروڪس طيس ان کي ڦُرڻ کانپوءِ زوريءَ ان بستري تي ليٽائي ڇڏيندو هو. جيڪڏهن ان بدنصيب جون ٽنگون بستري کان ڊگهيون هونديون هيون تہ هو انهن کي وڍي برابر ڪري ڇڏيندو هو ۽ جيڪڏهن هن جي شڪار جو قد بستري کان ننڍو هوندو هو تہ ڌاڙيل جا ساٿي هن کي مٿي ۽ ٽنگن کان زور سان جهلي ڇڪيندا هئا ۽ کيس بستري جي برابر ڊگهو ڪري ڇڏيندا هئا. توهان سمجهي سگهو ٿا تہ اهڙي سلوڪ کانپوءِ هن ويچاري جو ڪهڙو حال ٿيندو هوندو.

هر سماج ۾ پروڪرس طيس جهڙا ڪردار هميشہ موجود رهندا آهن. اهڙن ماڻهن پنهنجن خيالن، سوچن، روين ۽ عقيدن جو هڪڙو بسترو وڇائي رکيو هوندو آهي، ۽ هو انساني زندگيءَ جي حقيقتن کي وڍي ٽُڪي يا وري ڇڪي تاڻي ان جي برابر ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف رهندا آهن. اهڙا ماڻهو انساني زندگيءَ، انساني سماج ۽ ڪائنات جي حقيقتن کي سمجهڻ ۾ ناڪام رهندا آهن. انهن جي هٿان سچائيءَ، انصاف ۽ حقيقت کي هميشہ نقصان پهچي ٿو. انساني زندگيءَ جا ڪيترائي رنگ آهن. دنيا ۾ هر قسم جون موسمون ملن ٿيون. قسمين قسمين جون جاگرافيائي حالتون آهن. ڪي ماڻهو برسات جون دعائون گهرن ٿا تہ ڪي سج نڪرڻ تي خوش ٿين ٿا. پوءِ انهيءَ رنگارنگيءَ جو هڪ ٻيو اهم پاسو اهو آهي تہ زندگيءَ جي ارتقا سان گڏوگڏ انساني سماج تبديل ٿيندو رهي ٿو. لباس، رسم ۽ رواج، علم ۽ فن ۽ واپار جا ڍنگ ۽ معيشت جون صورتون بدلبيون رهن ٿيون. اهڙي نموني قانون بہ بدلبا رهن ٿا. مثال طور اسان جي ملڪ ۾ هڪ قانون موجب ريڊيو جو لائسنس نہ ٺهرائڻ ڏوهہ آهي. انهيءَ قانون جي ڀڃڪڙيءَ جي سزا رکي وئي آهي. اڄ کان بہ سئو سال اڳ سماج ۾ اهو قانون موجود نہ هو ڇو تہ اُن زماني ۾ ريڊيو ئي

موجود نہ هو. اهڙي نموني قديم يونان، فرعونن جي دؤر جي مصر، بنو عباس جي بغداد ۽ اوڻيهين صديءَ جي آمريڪا ۾ غلامن جي خريد ۽ وڪري جا باقاعده اُصول ۽ ضابطا هئا، جيڪي اڄ جي دنيا ۾ بيڪار آهن، ڇو تہ انسانن گڏجي اهو طئي ڪيو آهي تہ غلامي هڪ لعنت آهي، جنهن کي مڪمل طور تي ختم ٿيڻ گهرجي. تنهن ڪري غلاميءَ جو ادارو ختم ٿيڻ ڪانپوءِ انهيءَ بابت قانون بہ بيڪار ٿي ويا ۽ رڳو هڪڙو قانون وڃي بچيو جنهن موجب انسانن جي خريد ۽ وڪري ۽ واپار کي ڏوهہ قرار ڏنو ويو آهي. تنهن ڪري ڪنهن سماجي نموني، ڪنهن قانوني ضابطي يا ڪنهن خاص علمي رويي کي سمورن زمانن يا سمورن معاشرن لاءِ حتمي طور تي عمل جوڳو نٿو سمجهي سگهجي.

ويهين صديءَ ۾ ڪجهہ ماڻهو مارڪس جي فلسفي کي آخري حرف سمجهندا هئا ۽ ڪجهہ ماڻهو دنيا جا سمورا مسئلا فرائيڊ جي خيالن جي روشنيءَ ۾ حل ڪرڻ چاهيندا هئا. ڏکڻ آفريڪا جي گوري اقليت انساني چمڙيءَ جي رنگ کي سماجي سچائيءَ جو ابدي پيمانو قرار ڏيندي هئي. هندستان جا رهواسي صدين تائين ذات پات جي ورهاست کي الهامي ۽ اٽمت سچائي مڃيندا رهيا آهن. نازي جرمنيءَ جا اڳواڻ نسل پرستيءَ جي فلسفي کي حتمي حقيقت سمجهندا هئا. اهڙي قسم جو ذهني رجحان حقيقت تائين پهچڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ٿو. يعني حقيقتن کي ٽوڙي مروڙي پنهنجي مطلب سان سلهاڙڻ يا پنهنجن خيالن ۽ عملن کي ابدي سچائي سمجهڻ جو رويو تنقيدي شعور جي اُصولن تي پورو نٿو لهي.

تنقيدي شعور جي گهرج آهي تہ حقيقتن جو کُليءَ دل سان مطالعو ڪيو وڃي ۽ انهن کي اڳ کان طئي ڪيل اُصولن ۽ نتيجن جي ور نہ چاڙهيو وڃي. پراڻيون روايتون يا بُتل ڳالهيون غلط بہ ٿي سگهن ٿيون. تنهن ڪري ضروري آهي تہ مختلف راين جو تجزيو ڪري حقيقي صورتحال ۽ نتيجن تائين پهچجي. هيٺ ڄاڻايل بيان ڏسو ۽ انهن جو تجزيو ڪريو:

1۔ دنيا جي سمورين مصيبتن جا ذميوار يهودي آهن.

2۔ جمهوريت جو نظام ٿڌن ملڪن ۾ وڌي ويجهي ٿو. پاڪستان جهڙن گرم ملڪن لاءِ جمهوريت موزون نظام نہ آهي.

3۔ پنجابي ٻوليءَ کي تعليم جو ذريعو بڻائڻ بنا ڪنهن بہ مسئلي جو حل ممڪن ناهي.

4۔ اقتصادي برابري اصل حقيقت آهي، چاهي اُن لاءِ بنيادي سياسي آزادين کي گهُٽو ڏئي آمريت ئي ڇو نہ قائم ڪرڻي پوي.

5۔ سرد جنگ جو خاتمو حقيقت ۾ انساني تاريخ جو ئي خاتمو آهي. هاڻي

سموريءَ دنيا ۾ سمورا اختلاف ۽ ٽڪراءَ ختم ٿي ويندا.

6- نيوٽن ڪائنات جا سمورا طبيعياتي راز بيان ڪري ڇڏيا ۽ فرائڊ انساني ذهن جي سمورن ڳُجهن حصن کي بي نقاب ڪري ڇڏيو.

7- ڪڇين آبادين ۾ سيوريج ۽ ننڍا قرض ڏيڻ ذريعي انقلاب آڻي سگهجي ٿو.

8- آئون سوچي سگهان ٿو ۽ منهنجا خيال ئي منهنجي وجود جو ثبوت آهن.

9- آئون وجود رکان ٿو اُن ڪري آئون سوچي سگهان ٿو.

10- چند هزار ماڻهن کي ڦاهي ڏيڻ سان پاڪستان ۾ هر طرف امن ۽ امان ٿي ويندو.

**ڪنهن گروهه جي باري ۾ عام راءِ قائم ڪرڻ:**

سماج ۾ استحصال، ڏاڍ ۽ ناانصافيءَ ذريعي پنهنجي اصل ڪان وڌيڪ مراعتون حاصل ڪندڙ ماڻهو ۽ گروهه اهو چاهين ٿا ته سمورن وسيلن تي انهن جو غير منصفاڻو قبضو برقرار رهي. انهيءَ مقصد لاءِ ضروري آهي ته معاشي استحصال، سياسي ڏاڍ ۽ سماجي ناانصافيءَ جو شڪار ٿيندڙ عوام ۾ تنقيدي شعور بيدار نه ٿي سگهي. ايئن ئي حڪمران طبقا پنهنجي محڪوم عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ ۽ انهن کي بيوقوف بڻائڻ لاءِ ڪيترائي حربا آزمائين ٿا، جن مان هڪ آزمايل حربو اهو به آهي ته عوام جو ڪو غير حقيقي دشمن ناهي انهن کي اهو ٻڌايو وڃي ته سندن مصيبتون حقيقت ۾ انهيءَ دشمن جون پيدا ڪيل آهن. اهڙيءَ طرح هڪ ٻيو حربو اهو به آهي ته سماج ۾ ڪنهن ڪمزور طبقي کي چونڊي سڄيءَ دنيا جون برايون انهن سان سلهاڙي ڇڏجن. ان جو هڪ فائدو ته اهو ٿيندو آهي ته عوام پاڻ ۾ ورهائجي ويندو آهي، هڪٻئي سان وڙهڻ ۾ پنهنجون صلاحيتون ضايع ڪندو رهندو آهي ۽ پنهنجن مسئلن جي اصل سببن کي جاڻڻ ۾ ناڪام رهي ٿو. ٻيو اهو ته تعصب جو نشانو بڻجندڙ گروهه پنهنجو تعداد گهٽ هجڻ جي ڪري پائمالي يا سماجي طور ڪمزور حيثيت جي ڪري مقابلي جي قابل ناهي هوندو.

سڄيءَ دنيا ۾ آمراڻيون حڪومتون عورتن ۽ اقليتن کي انهيءَ سلسلي ۾ نشانو بڻائين ٿيون. اخبارون، ريڊيو، ٽيليويزن، تعليمي نصاب ۽ ٻيا ذريعا استعمال ڪيا وڃن ٿا، لطيفا ناهيا وڃن ٿا. بنگلاديش ٺهڻ کان اڳ اولهه پاڪستان کان اوڀر پاڪستان ويندڙ ڪيترائي ماڻهو اهو ڏسي حيران ٿيندا هئا ته بنگالي ته نماز به پڙهن ٿا. انهن جو خيال هو ته بنگالي رڳو نالي جا مسلمان آهن. اهڙيءَ طرح سڄيءَ دنيا ۾ يهوديت جي پوئلڳن کي انتهائي درجي جو لالچي سمجهيو وڃي ٿو. عورتن کي جهيڙاڪ، وات هڻندڙ ۽ گهٽ عقل ظاهر ڪيو وڃي ٿو. غريبن کي ڌوهاري پيشه ۽ ڳوٺاڻن کي سادو ۽ تهذيب کان عاري سمجهيو وڃي ٿو. پاڪستان ۾ مختلف قوميتن جي باري ۾ مختلف تصور پکيڙيا وڃن ٿا، مثال طور پنجابي بيوقوف، پٺاڻ

تشدد پسند، سنڌي لالچي ۽ بلوچي هڪ ـرُخي سوچ جا مالڪ هوندا آهن. اولهه جي دنيا ۾ ماڻهو سمجهن ٿا تہ پاڪستان ۾ هر شخص جون چار زالو هونديون آهن، جڏهن تہ پاڪستان ۾ ماڻهو سمجهن ٿا تہ يورپ ۾ اخلاق نالي ڪابہ شيءِ نہ آهي.

اهڙي قسم جا وڏاءَ تي ٻَڌل ۽ اجايا تصور حقيقت تي ٻڌل ناهن هوندا، انهن سان تعصب پيدا ٿين ٿا، جيڪي تنقيدي شعور کي جڏو ۽ مُڏو بڻائين ٿا. اسان کي پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ، لکت ۽ بحث مباحثي ۾ تعصب کان پاسو ڪرڻ ۽ دليلن کان ڪم وٺڻ گهرجي. هر قوم، گروهہ ۽ طبقي ۾ سُٺا، خراب هر قسم جا ماڻهو ملن ٿا. ڪنهن بہ پيشي، قوم يا طبقي کي پنهنجي بدترين نہ پر بهترين ماڻهن جي حوالي سان پرکيو وڃي ٿو. ڪنهن قوم جي سڃاڻپ ان جي ماڻهن جي رنگ، نسل، ٻوليءَ ۽ ثقافت سان ٿئي ٿي، پر هر علائقي ۾ انهن حقيقتن جي مختلف هئڻ سان امن، خوشحاليءَ ۽ انصاف جا پئمانا نٿا بدلجن.

توهان جي خيال ۾ هيٺ ڏنل پيرا گراف ۾ ڪهڙا لفظ ڪنهن گروهہ يا طبقي بابت عام مفروضن ۽ تعصب جي نشاندهي ڪن ٿا.

آئون جنهن بس ۾ سفر ڪري رهيو هئس، اُن ۾ ڪجهہ عورتون بہ ويٺل هيون ۽ اها تہ توهان کي خبر آهي تہ عورتون ڳالهائڻ کان سواءِ رهي نٿيون سگهن. ٿوري ئي دير ۾ بس مڇي مارڪيٽ بڻجي چڪي هئي. سون تي سهاڳو اهو تہ بس جي پٺاڻ ڊرائيور هڪڙي هٿ سان نسوار جي چٽڪي وات ۾ رکي ۽ ٻئي هٿ سان ٽيپ رڪارڊر ۾ ڪيسٽ لڳائي ڇڏي، ڇچورن پارتي گيتن جي بيهودي ڌن بس ۾ گونجڻ لڳي. مون سان گڏ پاڪ پتن شريف جو هڪ عزتدار واپاري سفر ڪري رهيو هو، جنهن تمام گهٽي ڌک سان منهنجو ڌيان ڪجهہ نوجوانن طرف ڏياريو. افعالن مان اهي نوجوان ڪاليج جا شاگرد لڳا ٿي. مستيءَ وچان اسان جي ثقافت تي ٽيندڙ انهيءَ وار تي جهومي رهيا هئا. منهنجا خدا! مون ٻنهي هٿن سان پنهنجو مٿو ايئن جهلي ورتو جڻ ڪاليج وارن انهن نوجوانن کي نہ پر مون کي گهُنتو ڏئي ڇڏيو هجي. مون سوچيو پئي تہ اسان جي ازلي دشمن يهودين ۽ نصارن جي خوشيءَ جي حد نہ رهندي، جڏهن هو ڏسندا تہ اسان جو پڙهيل لکيل طبقو اسان جي اوپر وارن قدرن کان بي خبر ٿي اوڏانهن وڃي رهيا آهن، جتي جديد دنيا جي چمڪ ۾ يورپ واسي ڇڙواڳيءَ جي ڌٻڻ ۾ غوطا کائي رهيا آهن. ڪاش اسان جا صحافي بدعنوان سياستدانن جا قصيدا لکڻ بجاءِ ان طرف ڌيان ڏين.

پاڻ پڏائڻ کان پاسو ڪرڻ:

پاڻ پڏائڻ جو مطلب اهڙو رويو آهي، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجن عقيدن، نسل، ثقافت ۽ قوم کي ٻين کان مٿانهون سمجهن ٿا ۽ ٻين مذهبن، ثقافتن ۽ قومن کي

پنهنجي پئماني تي پرکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. يورپ جا رهواسي ڇُرين ۽ ڪانٽن ذريعي ماني کائيندا آهن. چين ۾ ڪاٺ جي تيليون استعمال ڪيون ويندون آهن ۽ پاڪستاني ڳوٺن ۾ هٿ سان کاڌو کائڻ جو رواج آهي. انهيءَ ۾ ڪنهن رواج کي ٻئي کان مٿانهون سمجهڻ پاڻ پڏائڻ چورائي ٿو.

گروهي طور پاڻ پڏائڻ جي نتيجي ۾ انسانن ۾ اختلاف ۽ غلط فهميون پيدا ٿين ٿيون. پنهنجي قومي ادارن ۽ ثقافتي رسم ۽ رواج کي ٻين کان مٿانهون سمجهڻ سان علمي ۽ اخلاقي سطح تي هڪٻئي جي تجربن مان فائدو حاصل ڪرڻ جو موقعو گهٽجي وڃي ٿو. انسانن ۾ ٻڌي ۽ پائيچاري بجاءِ اختلافي نُقتن تي زور ڏنو وڃي ٿو. پنهنجو پاڻ تي اجايو اعتماد ۽ بي بنياد غرور پيدا ٿئي ٿو. صحيح تعليم جو مقصد انسانن وچ ۾ گڏيل نُقتن ۽ بنيادي انساني برابري اجاگر ڪرڻ هوندو آهي.

تنقيدي شعور رکندڙ شخص کان توقع ڪئي وڃي ٿي ته هو ٻين قومن، گروهن، طبقن يا فردن بابت حقيقتن کي ميجي ۽ هر شيءِ کي پنهنجي پسند، ناپسند يا ذاتي معيارن جي چشمي سان نه ڏسي. اهڙي قسم جي هاڪاري رويي سان انسانن جي وچ ۾ ناڪاري سوچ ۽ نفرت کان پاسو ڪرڻ جو لاڙو وڌي ٿو.

هيٺ ڄاڻايل بيانن مان انهن تي نشان لڳايو جن ۾ اوهان کي پاڻ پڏائڻ جي جهلڪ نظر اچي ٿي.

1- بنارس ۾ ماڻهن کي تيل ۾ ٻڏل چانور ٻنهي هٿن سان کائيندي ڏٺم ته هانءُ ڪچو ٿيڻ لڳو.

2- مسيحي تعليم اسلام جي پيغام کان بهتر آهي.

3- خاص آهي ترڪيب ۾ قوم رسول هاشمي.

4- دهريو مذهبي معاملن ۾ سائنسي رويو رکي ٿو. هن جي خيالن ۾ دليل کان مٿانهين مشاهدي ۽ تجربي کي ڇڏي ڪنهن به شيءِ لاءِ گنجائش ناهي هوندي.

5- اسان پنهنجي سموري اولاد جون شاديون جاٽ گهراڻن ۾ طئي ڪيون آهن.

6- بنگال جا بابو ماڻهو ته ڇري ڏسي ميز هيٺان گهڙي ويندا.

7- چوپال ۾ پنجابي دوست ڪام ٻڌي ڪٽن تي ڪونگهرا هٽي رهيا هئا. رات جي پوئين پهر جو تيز هوا لڳي ته هڪڙي چوڌري صاحب جي ثقافت اُڏامي ٻنين ۾ وڃي ڪري.

8- شلوار پاتي وڃي ٿي ۽ پاجامو پاتو وڃي ٿو.

9- اولهه کي اخلاقي زوال کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ نيٺ اوير ڏانهن ڏسڻو پوندو.

پاڻ تي تنقيد:

دنيا ۾ ڪوبہ انسان خامين ۽ ڪمزورين کان پاڪ ناهي هوندو. اهڙي نموني ڪنهن گروهہ جون سموريون خاصيتون ساراهہ جوڳيون ناهن هونديون. ڪنهن بہ فرد، گروهہ يا قوم لاءِ ضروري آهي تہ هو تعصب ۽ خودپسنديءَ کان پاسو ڪندي پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جي هر پاسي جو جائزو وٺي، خامين جي اصلاح ڪري ۽ خوبين کي وڌيڪ بهتر بڻائي. پنهنجن روين ۽ ڪارڪردگيءَ کي جاچڻ ۽ بهتريءَ جا رستا ڳولڻ جي اهڙي ڪوشش کي پاڻ تي تنقيد چئجي ٿو.

پاڻ تي تنقيد ڪرڻ جو عمل ڪنهن بہ قوم يا فرد کي مسلسل بهتريءَ ۽ ترقيءَ ڏانهن وٺي وڃي ٿو. ان سان ماڻهن جي روين ۾ هاڪاري تبديلي اچي ٿي، پنهنجين ڪوتاهين کي قبول ڪرڻ ۽ ٻين جي خوبين کي مڃڻ جي اهمت پيدا ٿئي ٿي. وڌيڪ اهو تہ پاڻ تي تنقيد انسان جي طبيعت ۾ هيئنانهين پيدا ڪري ٿو ۽ هيئنانهين ۽ عاجزيءَ جي خاصيت ماڻهن ۾ انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جي ارتقا ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. پاڻ تي تنقيد ڪندڙ شخص پنهنجن تجربن جو ڪُليل نموني تجزيو ڪندي اڳتي لاءِ پهرين جي ڀيٽ ۾ بهتر منصوبہ بندي ڪري سگهي ٿو.

تنقيدي شعور ۽ جمهوريت:

جمهوري سماج ۾ شهرين کي غور ۽ فڪر لاءِ بہ غير جمهوري سماجن کان مختلف انداز اختيار ڪرڻو پوي ٿو. سوچڻ ۽ سُڌ سماع جي جمهوري انداز ۾ اهڙا پاسا واضح هوندا آهن، جن ۾ احترام، تعميري انداز، کُليل ذهن، مشروط نتيجا، وسيع نظري، ٻين جي ذاتي آزاديءَ سان گڏوگڏ تجويزي رنگ ملي ٿو تہ جيئن ٻين لاءِ مؤثر ردعمل جي آزادي برقرار رهي. ان جي اُبتڙ سوچڻ ۽ سُڌ سماع جي حاڪماڻي نموني ۾ جبر، حتميت، قطعيت، بالادست ۽ نفرت جو جو رنگ ملي ٿو جنهن جو مقصد سامهون واري ۾ ڊپ، ڪاوڙ ۽ پوئلڳيءَ جي جذبو پيدا ڪرڻ هوندو آهي. فڪر ۽ سُڌ سماع جي اهڙي انداز ۾ ٻين لاءِ اظهار جي آزاديءَ جي جاءِ ناهي هوندي.

**تنقيدي شعور سان مطالعو ڪرڻ جا اُصول:**

- مطالعي دوران سامهون ايندڙ دليلن تي غور ۽ فڪر لاءِ تيار رهڻ.
- مطالعي دوران ڪيترن ئي انگن اکرن کي لفظ بلفظ ياد ڪرڻ بجاءِ انهن جي مدد سان مختلف مسئلن تي ۽ انهن جي ممڪن حل تي غور ۽ فڪر ڪرڻ.
- منطقي دليلن کان ڪم وٺڻ.
- نظر هيٺ موضوع تي پنهنجا ذاتي خيال مرتب ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ.
- نظر هيٺ موضوع تي متبادل نقطءِ نظر جو ڳولهائو رهڻ.
- مطالعي ۾ اهڙن خيالن کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ، جيڪي اسان جي موجوده خيالن سان ٺهڪي نہ ايندا هجن.

- نظر هيٺ لکت ۾ پيش ڪيل خيالن، دليلن ۽ شاهدين کي پرکڻ جي صلاحيت رکڻ.
- نظر هيٺ لکت ۾ خيالن ۽ بيان جي انداز جي لحاظ سان ڪمزور يا غلط نُقتن جي نشاندهي ڪرڻ.
- مختلف موضوعن تي تنقيدي رويو اختيار ڪرڻ جي صلاحيت رکڻ.
- مختلف خيالن کي پرکڻ لاءِ مناسب سوال ۽ دليل مرتب ڪرڻ جي صلاحيت رکڻ.
- نظر هيٺ موضوع تي ليکڪ جي ذاتي راءِ ۽ تصديق جوڳين حقيقتن ۾ فرق ڪرڻ.
- مطالعي دوران سامهون ايندڙ نون دليلن ۽ شاهدين کي پنهنجن اڳوڻن خيالن جي روشنيءَ ۾ پرکڻ جي صلاحيت رکڻ.
- نظر هيٺ لکت ۾ موضوعن ۽ انهن سان لاڳاپيل دليلن جي نشاندهي ڪري سگهڻ.
- نظر هيٺ لکت ۾ پيش ڪيل دليلن ۽ شاهدين کي ٻين شعبن ۾ پنهنجي ڄاڻ سان ڀيٽي ڏسڻ.

انتهائي جديد جمهوري سماجن ۾ بہ پراڻي حاڪماڻي نظام جا ڪيترائي اثر موجود آهن. تنهن ڪري اسان سيني جي سوچ ۽ ڳالهہ ٻولهہ جي انداز ۾ ڄاڻي ٻُجهي جمهوريت بجاءِ حاڪماڻي سوچ جو عنصر ملي ٿو. فڪر ۽ سُڌ سماع جو جمهوري انداز وڏيڪ صحتمند ۽ تخليقي آهي ۽ انساني لاڳاپن ۾ ڪاميابي ۽ مسئلن جي حل لاءِ وڌيڪ مددگار هجي ٿو. انهيءَ ۾ عزتِ نفس، اخلاقي خودمختياري ۽ ذميواريءَ جي احساس جهڙن عنصرن جي ڪري ڌرين جي شخصي واڌ ويجهہ جون وڌيڪ راهون کُلن ٿيون ۽ فرد ۾ پاڻ کي تخليقي طور تربيت يافتہ ڪرڻ جو جذبو ٿئي ٿو.

پنهنجن خيالن کي شعوري سطح تي پرکڻ ۽ انهن ۾ تبديليءَ جو مشاهدو ڪرڻ جو عمل انساني شعور ۾ انتهائي مٿانهين سطح رکي ٿو. انساني ذهن لاءِ پنهنجن ئي خيالن جي اصليت ۽ طرف جي سمجهہ رکڻ سوچ جي عمل ۾ هڪ الڳ نموني جي حيثيت رکي ٿو. انهيءَ کي مثال جي صورت ۾ ايئن سمجهجي تہ هڪ وڏي درياهہ جي ڀرسان هڪ ننڍو واهہ وهي ٿو. وڏو درياهہ اسان جي سوچ جو جبلي وهڪرو آهي ۽ ننڍو واهہ انهيءَ درياهہ تي اک رکڻ جو عمل آهي. ذهن ۾ ٻنهي سطحن تي خيالن جو وهڪرو جاري آهي. البتہ خيالن جي ننڍي وهڪري جو ڪم وڏي وهڪري جي اصليت، ڪيفيت ۽ طرف کي ضابطي ۾ آڻڻ آهي. خيالن اهو ٻن

نمونن وارو ۽ الڳ قسم جو عمل انساني شعور جي انتهائي اعليٰ درجي جي عڪاسي ڪري ٿو.

جيڪڏهن اسان پنهنجن خيالن کي ضابطي ۾ نٿا آڻي سگهون، جيڪڏهن اسان کي پنهنجي سوچ جي عمل تي اختيار ناهي تہ اسان آسپاس جي دنيا تي اختيار حاصل نٿا ڪري سگهون ۽ جمهوريت نالو ئي دنيا تي اختيار جو آهي، خيالن جي خود ترتيبي ۽ سماج جي خود ترتيبيءَ جو پاڻ ۾ گهرو لاڳاپو آهي. جيڪڏهن سماج ۾ شهرين جو مناسب انگ خيال پيرائيءَ تي مهارت نٿو رکي تہ سماج ۾ جمهوري عمل وڏي ويجهي نٿو سگهي. اسان پنهنجي گهر يا ڪم ڪار واري هنڌ جيڪا معمول جي زندگي گذاريون ٿا، جمهوريت جي عمل ۾ اسان انهيءَ زندگيءَ کان ڪجهہ پري هٽي جڏ تہ ان جي ڍانچي بابت غور ۽ فڪر ڪريون ٿا ۽ ان کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ ان ۾ ڪجهہ تبديليون تجويز ڪريون ٿا. اهڙي نموني اسان خيالن جي دنيا ۾ خيال آرائي ۽ خيال پئمائيءَ کان اڳتي وڌي خيالن جي شڪل ناهيون ٿا تہ ان کي خيال پيرائي چيو وڃي ٿو. جيئن ڪاڏي پيتي ۽ ٻين روزاني جي معاملن کان اڳتي وڌي انساني زندگيءَ جا انتهائي اعليٰ درجا ممڪن آهن، اهڙي نموني رڳو ووٽ ۽ اسيمبليءَ کان اڳتي وڌي جمهوريت جي سماج اندر پاڙون هڻڻ جو عمل جمهوريت جي اعليٰ شڪل آهي، جنهن کي جمهوريت افروزي چوڻ گهرجي.

انساني زندگيءَ جي امڪانن جيان سوچڻ جو عمل بہ گهڻ طرفو ۽ پيچيده امڪان رکندڙ هوندو آهي. انساني سوچ جو معجزو اهو آهي تہ اسان پنهنجي ذهن جي نظر نہ ايندڙ غارن ۾ جيڪو نمونو وٽي اُهو گهڙي سگهون ٿا، جيڪا دنيا چاهيون جوڙي سگهون ٿا ۽ وڌيڪ اهو تہ اسان پنهنجي خيال کي ماتحت فڪر جي عمل سان سمجهي سگهون ٿا، جاچي سگهون ٿا، زماني ۽ مڪاني تناظر کان انڪار ڪري سگهون ٿا، پنهنجن خيالن کي ٻين تائين پهچائي سگهون ٿا. نئين خيال سان ئي نئين دنيا جي راهہ هموار ٿئي ٿي.

خيال جي حيرت انگيز صلاحيت ڪم ۾ آڻڻ ۾ چونڊ جا سوين سوال اُٿن ٿا. ڇا جي باري ۾ سوچون!؟ ”الف“ جي باري ۾ ڇو سوچون؟، ”ب“ جي باري ۾ ڇو نہ سوچون؟ جتي چونڊ جا اهڙي ڪشادگي موجود هجي تہ خيال جا سمورا امڪان ڪم ۾ آڻڻ جو پهريون شرط اهو آهي تہ اسان کي وچ جي آزادي هئڻ گهرجي ۽ سوچ جي مڪمل آزادي رڳو جمهوريت ۾ ئي ملي سگهي ٿي. جيڪڏهن اسان خيال کي انساني بقا ۽ ترقيءَ جو ذريعو بڻائڻ چاهيون ٿا تہ اسان کي انهيءَ لائق ٿيڻ گهرجي تہ اسان بقا ۽ زندگيءَ جي معيار متعلق مسئلن کي نظر ۾ رکندي مثالي

نموني تخيل ڪري سگهون. ان سان انساني زندگيءَ جي ارتقا جي راهه هموار ٿئي ٿي. زندگيءَ جي اهڙي ارتقا جي بهترين ۽ هموار شڪل به جمهوريت ۾ ئي ممڪن آهي.

غير جمهوري سماج ۾ تسلسل، هڪ ڪرائي ۽ جامدپڻي کي ترجيح ڏني ويجي ٿي. جڏهن ته جمهوري سماج تبديليءَ ۽ ترقيءَ جو رستو کولي ٿو. جيڪڏهن گڏيل سماج ۾ اسان کي غور ۽ فڪر ڪرڻ ۽ سامهون ايندڙ مسئلن جو اندازو لڳائڻ ۽ انهن کي حل ڪرڻ جي مسلسل تربيت جو بندوبست نه هجي ته وڏيڪ امڪان آهي ته جڏهن اسان معمول جي صورتحال کان وڌيڪ ڳنڀير مسئلن کي منهن ڏئي رهيا هجون ته ادارتي تربيت نه هئڻ جي ڪري اسان نه ان جو اندازو لڳائي سگهنداسين. نه انهن خطرن کي منهن ڏئي سگهنداسون. اهڙو سماج نه رڳو ترقيءَ جي ڊوڙ ۾ پويان رهجي ويندو پر ان جي بقا به خطري ۾ پئجي ويندي. تنهن ڪري غور ۽ فڪر جو بنيادي مقصد اهو آهي ته معلومات، علم ۽ سوچ ويچار جي گڏيل عمل سان جيستائين ممڪن هجي، ڏکيائين، مسئلن ۽ خطرن جو اڳ کان اندازو ڪيو وڃي. ان جا ممڪن حل تجويز ڪيا وڃن. تفريح، آرام، واندڪائي ۽ زندگيءَ جي معيار جي ٻين معاملن سان اسان جي اها صلاحيت بهتر ٿئي ٿي ته اهڙين سرگرمين لاءِ به وقت ڪيڻ گهرجي. ٻارن جي تعليم جو حتمي مقصد اهائي تربيت هئڻ گهرجي ته ڪنهن صورتحال ۾ هڪٻئي جي وجود جي ذريعي واري رشتي کي ڳولڻ گهرجي ۽ لاڳاپيل مهارتن جي مدد سان صورتحال ۾ خواهش موجب تبديلي ڪيئن پيدا ڪئي وڃي. تعليمي مهارتن ۽ ڄاڻ جي ذخيري جي حيثيت رڳو مددگار ذريعن واري آهي.

جمهوريت لاءِ گهربل فڪري مهارتون:

1. ساڳئي وقت گهڻ - نموني واري سطح تي سوچڻ جي صلاحيت رکڻ.
2. لاڳاپيل صورتحال جي سمورن ممڪن پاسن تي پورو شعوري ڌيان ڏيڻ.
3. لاڳاپيل مسئلن جي باري ۾ سمورن نقطءِ نظرن ۽ هر ممڪن حل تي غور ۽ فڪر جي آزادي محسوس ڪرڻ.
4. غور ۽ فڪر ۽ ممڪن حل ڏانهن اڳڀرائيءَ دوران تعميري ۽ انساني پائيچاري تي ٻڌل نقط نظر کي ڇڏڻ بنا پنهنجن جذبن کي متوازن رکڻ.
5. خيال آرائي (مڪمل ڌيان) ۽ خيال پيرائي (خيال کي سمجهڻ) وچ ۾ لاڳاپو رکڻ.
6. مناسب شڪ ۽ حقيقت پسنداڻي تعميري سطح ۾ توازن رکڻ.
7. ڪنهن صورتحال ۾ سامهون ايندڙ دليلن يا تجزيي جي خامي جاچڻ جي

صلاحيت، خاص طور تي سياسي نقطۂ نظر ۾ لفظي بازيگريءَ جو اندازو لڳائڻ.

8. ڪنهن صورتحال ۾ سامهون ايندڙ نقطۂ نگاهہ يا دليلن جي سچائيءَ جو اندازو لڳائڻ سان گڏ مسئلي جي تعميري حل لاءِ تخيل جي قوت کان واقف ٿيڻ.

9. ٻين سان تعاون جي فضا قائم ڪندي پنهنجي ۽ ٻين جي مفادن ڪي متوازن رکڻ جي صلاحيت.

10. موجوده حالتن کي حقيقت پسنداڻي عمل قدمن جي سلسلي جي مدد سان مرضيءَ موجب صورتحال ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ صبر، خواهش ۽ عزم رکڻ.

11. ڪنهن صورتحال جي عنصرن مثال طور عمل جي دائري جي حد، فيصلي ڪن اختيارن جي جوڙجڪ، وسيلن، مزاحمتي عنصرن، ابتدائي ۽ تڪميلي مرحلن، فني ضرورتن، گهٽ وقتي ۽ ڊگهي وقت وارن مقصدن ۽ رجحانن، ماحولياتي عملن ۽ فڪري قدرن ۽ اُصولن وغيره جو ادراڪ رکڻ.

12. اجتماعي زندگيءَ جي وسيع تناظر ۾ سامهون ايندڙ صورتحال ۽ مناسب حل جي ممڪن نتيجن جو ادراڪ رکڻ جي صلاحيت.

**سنڌيڪار: ساحل سميجو**